

ساگر

منهنجي دل ٻي ساگر آ، منهنجي دل ٻي ساگر آ،
"رفيق" دل جي اندر ٻاهر سنسار خدا جو ساگر آ.

- ايم. رفيق

ڪريجا پبلشنگ هائوس
بي ٢٤٥/٤١، نوان بلاڪ، الهاسنگر - ٤٢١ ٠٠٥.
فون: ٥٢ ٦٠ ٢٦

شڪرگذاري

ڪريان شڪرگذاري، يا ڪريان شڪرادائي،
شري رام ڪڪڙيجا جي، جنهن دوستي نباهي.

مقبول آهي ليکڪ منوهرلعل جي نالي،
"محبت زنده آ" ڪهاڻي هرڪو پيو سنڀالي.

ننڍپڻ جو يار آهي، ننڍپڻ جو پيار آهي،
هي رازدار آهي، هي خاصدار آهي.

دل جو دوست دلبر، دلدار يار آهي،
"رفيق" آهه درپڻ، هي ديدار يار آهي.

— ايم. رفيق

SAGAR

Poet : M. J. Ramchandani (M. RAFIQ)
Satyam-A, Apartment, 2nd Floor,
Near Hira Marriage Hall,
Ulhasnagar-421 002. □ Phone 548474

Cover Design : Lachman U. Kukreja

Publiehed by : Bhagwanti L. Kukreja
Kukreja Publishing House,
B, 41/245, New Blocks,
Ulhasnagar-421 005. □ Phone 526026

Printed at : Jai Shivshakti Printers,
Shop 1, Indira Gandhi Mkt Compound,
Dassera Maidan, Ulhasnagar-421 003.

Year : August 1997

Price : Rs. 60/—

ساگر

ڪوي : ايم. جي. رامچنداڻي (ايم. رفيق)
سٽيم - اي، اپارٽمينٽ، ٻيو ماڙ،
هيرا مئريج هال جي ڀرسان،
اُلهاسنگر - ۴۲۱۰۰۲. فون: ۵۴۸۴۷۴

ڪور ڊزائين : لڇمڻ يو. ڪڪريجا

پبلشر : ڀڳونتي ايل. ڪڪريجا
ڪڪريجا پبلشنگ هائوس،
بي ۴۱/۲۴۵، نوان بلاڪ،
اُلهاسنگر - ۴۲۱۰۰۵. فون: ۵۲۶۰۲۶

ڇپيندڙ : "ڄئه شوشڪتي پرنٽرس"
شاپ ۱، اِندرا گانڌي ڀاڄي مارڪيٽ،
سيڪشن ۲۳، اُلهاسنگر - ۳.

سال : آگسٽ ۱۹۹۷

قيمت : -/۶۰ روپيه

اُسيس

نظمن، غزلن، گيتن، ڪافين ۽ هائڪو جون صنفون کڻي موزون شاعريءَ جي ميدان ۾ ايم. رفيق چڱي وقت کان ڏات جي گهوڙيءَ کي هنر ۽ فن جو لغام لڳائي چڱيون منزلون طيءِ ڪندو آيو آهي. سياهه وارن کان نجات پائي چانديءَ جي چمڪي جهڙا وار سجائي به جواني ديوانيءَ سان هٿ ملائي رهيو آهي. اِئين به ناهي ته حسن عشق جي خيالي قصن ۾ قيدي بڻجي آس پاس جي اَنڀؤ ۽ آزمودي کان، زمان حال جي حقيقتن ۽ مستقبل جي حملاور مصيبتن کان منهن موڙي ويٺو آهي. درحقيقت جيڪي مشاهدا ماڻيا اٿس تن جي تصوير ڪشي ڪندي دل جي صادق جذبي سان ۽ پنهنجي ذاتيءَ ڏانءَ ۽ ڏاهپ سان سگهاري ٻوليءَ ۾، قوت مند قلم سان رچنائن جي روپ ۾ خزانن جي کول ڪندو ٿو رهي. ڏات جون ڏياٽيون ٻاري علم، عقل ۽ عمل جي اِيوانن ۾ چڱا ڦيرا پاتا اٿس.

اهو سنڌي شاعر ڪو هڪڙو اڌ هوندو جنهن پنهنجن شخصي مصيبتن ۽ دنيا جي دغا و دولاب ۽ سياسي سرگرمين کي قلمند ڪندي پنهنجي اباڻي وطن جي ياد ۾ لڙڪ نه لاڙيا هوندا.

هن شاعر پڻ ڪي پياريون سوز ڀريون ۽ دل چوريندڙ سٽون چيون آهن:

آزادي ملي، مان پنهنجو وطن نيلام ڪري آيس،
اِنسان جي تهذيب کي بدنام ڪري آيس.

— ڊاڪٽر ارجن سڪايل

احسانمند آهيان

(١)

نيڻن جو نُور بڻجي، اَحسان ڪنهن ڪيو،
دل جو سرور بڻجي، اَحسان ڪنهن ڪيو،
ريکا رهي نه سرحد، دل جي پيار جي،
دل جو سرور بڻجي، اَحسان ڪنهن ڪيو.

(٢)

جي درد آهي دل ۾، دل دردمند آ،
جي فڪر آهي دل ۾، دل فڪرمند آ،
شاعر جي دل جي ريکا ڪو رُوپ بڻجي آئي،
اَحسان ڪڻي ڪنهنجو، دل اَحسانمند آ.

(٣)

جو پيار آيو دل ۾، ڪنهن لاءِ خطا نه ٿي،
جو پيار آيو دل ۾ ڪنهن لاءِ سزا نه ٿي
دل پيار مان پڪاري، دلدار کي "رفيق"
جو پيار آهي دل ۾، ڪنهن لئه جفا نه ٿي.

ايم. رفيق

فرشتن جي زباني

شاعر جي هستي آهي مهان،
شاعر آهي چنڊ سمان،
تارا ستارا ڪيئي درٻاري،
چنڊ لڳائي وينو ديوان،
جڳ ۾ چانڊوڪي ڦهلائي،
”رفيق“ اونده ڇڏي ڀڄائي.

سنسار ۾ شاعر جي هستي، سڀني کان مٿي آهي. هن جون انيڪ اکڙيون ۽ ڪليل انتهه ڪرڻ خدادار عنايت آهن. قدرت جا ڪرشما، انساني دلين جا اُتساهه، سندس دل تي پنهنجو نقش ٻڌائي ڇا ڇڏين. سماج ۽ قوم جون وقت به وقت بدلجندڙ حالتون غم ۽ خوشيون سندس دل ۾ اُٿل پٿل مچائي ٿيون ڇڏين. شاعر ماضيءَ جي پاڇولن مان گذريو آهي. حال جي هلندڙ واقعن کان بي خبر ڪونهي. مستقبل سندس اقبال ۾ ايندڙ حالتن جو ڪليل ڪتاب جهلي بيٺو آهي.

شاعر، خيالات ۽ جذبات جو جهرڻو آهي،
حسن خدا آهي ۽ عشق سندس وصال جي راهه آهي،
پيار ۽ محبت نه هجي ته جهان ئي نه هجي.

شاعر، جڏهن ڪن حالتن کان بيحد متاثر ٿئي ٿو تڏهن ازخود سندس بيخوديءَ جو ڪلام ڪيترائي روُپ اختيار ٿو ڪري. سندس ڪلام خدا جي وصال لاءِ تڙڦي ٿو. سندس ڪلام ديش ڀڳتيءَ جو پروانو بڻجي حب الوطنيءَ جي شمع تي پيو ڦيرا پائي.

پيار ۽ محبت انساني سڀاءُ آهي. قدرت جا ڪرشما خدا جي خدائيءَ جو اظهار پيا ڪن.

نيازمند آهيان

آسيس ڏني سڪايل،
هاڻي اُجايل ڪير رهي،
آسيس ڏني سڪايل،
هاڻي ٻڪايل ڪير رهي،
درد سڄورو ويو اُڏامي،
ڪين رهيو ڪو درد "رفيق"،
آسيس ڏني آهه سڪايل،
هاڻي دکايل ڪير رهي.
آسيس آهه پڳڻي،
ڪنهن پاڳم سان ملي ٿي،
آسيس آهه شڪتي،
ڪنهن پاڳم سان ملي ٿي.

✖ محترم ڪڪڙيجا صاحب،

شايد هن کان اڳ اسان جي وچ ۾ خطو ڪتابت ڪانه ٿي آهي پر مان عرصي کان اوهان کي رسالن، اخبارن ۾ پڙهندو آيو آهيان.

مونکي ڪجهه عرصو اڳ ايم. رفيق جو شعري مجموعو ”دل و دنيا“ دستياب ٿيو آهي. ڪن غزلن ۾ ڪي بيت اهڙا آهن جيڪي شعاع پيدا ڪن ٿا. رفيق صاحب بزرگ شاعر آهن ۽ اسان کي سندن شعر احترام سان پڙهڻ گهرجي. مان ٿورائتو آهيان جو اوهان مون ڏي سندن شعري مجموعو ارسال ڪيو آهي.

ليمڻ ڪڪڙيجا پڻ اسان جي ادب جو هاڻ هڪ نهايت ئي جاتل سڃاتل، مقبول نالو آهي. اوهان رفيق صاحب لاءِ پوئين ڪوَر تي، ”جيئن مان سڃاڻان“ عنوان هيٺ سٺو پرڀاءُ ڪرايو آهي.

اوهان سان ڪنهن نه ڪنهن سيمينار تي يا ڪنهن مشاعري دؤران ملاقات ٿيندي، اهڙي آس اٿم. هون ۽ مان ٨٩-١٩٨٨ جي آس پاس الهاسنگر جي مشاعرن ۾ شرڪت ڪندو هئس پر اوهان سان گڏجاڻي شايد ڪانه ٿي سگهي آهي.

رفيق صاحب کي اوس اها جاڻ ڏيندا ته سندن ڪتاب هڪ پرندي جي نگاهه سان پڙهي ويو آهيان، جلد ئي وڌيڪ غؤر سان ٻيهر پڙهندس.

رام ڪڪڙيجا صاحب شايد اوهان جا ڀائي صاحب آهن. کين پڻ منهنجا نياز ڏيندا.

شريڪانت ”صدف“، دبئي.

شاعر جا چاهڪ، ڌرتيءَ جا فرشتا آهن. سندن محبت شاعر ۽ سندس شاعريءَ کي همت ڏئي ٿي ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ آماده ڪري ٿي. هو لوڙهي پوڙهي وانگر شاعريءَ جي رس جو پيالو پيئڻ لاءِ منتظر رهن ٿا. اهڙا فرشتا، هرهڪ شاعر جي مستيءَ جي مهراڻ جي موتين جو قدر برابر سڃاڻن ٿا. شاعر جي شاعريءَ جي گلشن جي خوشبوءِ سندن دل ۾ مستي جاڳائي ٿي. سندن دل شاعر جي شاعريءَ جي باري ۾ پنهنجي جذبات ظاهر ڪري ٿي.

منهنجي ڪتاب "دل ۽ دنيا" جي باري ۾ جدا جدا فرشتن پنهنجا ويچار خطن ذريعي موڪليا آهن، سي سڀني پاٺڪن لاءِ هيٺ ڏجن ٿا. اميد اٿم ته پيا شاعر، اديب ۽ شعر ۽ سخن جا شائق پنهنجن راين سان نوازيندا جنهن سان هن ٻانديءَ جي رهنمائي ٿيندي.

— ايس. رفيق

❋ پيارا شاعر دوست جناب ايم. رفيق،

توهانجو شاندار تحفو "دل ۽ دنيا" (توهانجي ڪوتائن جو مجموعو) حاصل ڪري، مونکي گهڻي خوشي ٿي آهي. منهنجون مبارڪون قبول ڪندا.

توهان پنهنجين ڪوتائن ۾، مون کي به ياد ڪيو آهي، ان لاءِ من کي خوب مزو آيو.

عجب جي ڳالهه آهي، جو اسان ٻنهي جي ملاقات هڪ دفعو به ڪانه ٿي سگهي آهي. توهان سنڌ ۾ لاڙڪاڻي ۾ ته ضرور ايندا ويندا هوندا. پوءِ به ملاقات ڪانه ٿي سگهي. ٿيو سڪ. طبيعت ٺيڪ هوندي. توهانجي شاعريءَ ۾ اضافو ٿيندو رهي. ان لاءِ منهنجون دعائون ڪم ڪار لاءِ حاضر آهيان.

محبت ۽ مان سان، اوهانجو،

هري "دلگير" آديپور.

✻ پريہ ڀاءُ رامچنداڻي،

سدا سال خوش هجو، شري روچيرام تيرٿداس اوهانجو ڪتاب ”دل و دنيا“ موڪليو، ازحد خوشي ٿي.

اهڙو ناياب ڪتاب ادب جي ڪيتر ۾ ضرور پنهنجي محفوظ جڳهہ والاريندو، اهڙي اميد اٿم. هونئن بہ ڪنهن جي تپسيا ساڃا ويرٿ نٿي وڃي.

قربن ۾،

هري همٿاڻي، اجمير

✻ پيارا ڀاءُ ايم. رفيق، خوش هجو شال!

ادا، ڀاءُ روچيرام معرفت اوهانجي جذباتن جي ترجماني ڪندڙ شعرن جو مجموعو ”دل و دنيا“ پهتو، يادگيريءَ لاءِ وڏي مهرباني. رفيق جي غزل کي ڏنوسين تہ عاشق جي نظر کي بہ. اِن مجموعي مان گهٽ ۾ گهٽ اِهو تہ پتو پيو تہ اڃا بہ ڪي آهن دل سان ڪلڪ کي هلائڻ وارا.

ڇپائي ۽ گيٽ اَپ سهڻو آهي. سرو ورق کي موچارو بڻائڻ لاءِ ڀاءُ لڇمڻ ڪڪريجا کيرؤن لهڻيون.

منهنجون شڀ ڪامنائون قبول ڪندا. سدائين گڏ،

قربن مان،

واشديو ”سهڻو پارٽي“، جئپور

✻ پيارا ڀاءُ منو،

اوهان جي سڪ ڀري سوکڙي اوهان جو غزلن جو گلدستو ”دل و دنيا“ پهتو. پڙهي دل بہ اڪر لکڻ کان رهي نہ ٿي سگهي جو هرهڪ غزل، گيت، لاڏو يا ڏوهيڙو پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ هڪ ٻي کان زور آهي.

✱ آدرڻيه مسٽر "رفيق"،

ڪالهه شري روچيرام ٽيرٿداس خانواڻيءَ (سنڌو لئبرري) وٽان توهان جو تازو غزلن ۽ شعرن جو ڪتاب "دل و دنيا" مليو.

هن وقت ڪتاب جي پهچ لکي رهيو آهيان. پڙهي پورو ڪرڻ بعد ڪوشش ڪري پنهنجو رايو پڻ لکندس.

توهانجي شاعريءَ جو چشڪو روبرو سنڌو يوٿ سرڪل ۾ هلندڙ اَدبي ڪلاس ۾ ورتو اٿم.

هن عمر ۾ جنهن تيزيءَ سان توهان پنهنجي فن جو اظهار ڪري رهيا آهيو، سو بيشڪ لاثاني ۽ ساراهه جوڳو آهي.

سنمان مان،

ڪمار ٽيجواڻي، سنڌونگر

✱ پيارا ڀاءُ،

تنهنجي انمول ڀيٽ "دل و دنيا" هٿن ۾ اٿم. اهڙي ناياب چيز موڪلڻ لاءِ مهرباني. مٿاڇري نظر ڪئي اٿم ۽ پروڙيو اٿم ته، تنهنجي شاعريءَ ۾ اُڏام ۽ رواني آهي ۽ مڌڪمتا آهي. اهو به ڄاتم ته تنهنجي ۽ منهنجي عمر ۾ صرف ٢ سالن جو ڦير آهي، يعني تون صرف مونکان ٢ سال ننڍو آهين. هن ڪتاب تي تنهنجو ڪيترو خرچ ٿيو ۽ ورڪري جو ڪو پربنڌ ڪيو اٿئي، جڏهن ڪ سنڌي وڪاس پريشد وارا اڄان ماٺ آهن ۽ سنڌي پاٺڪ ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ لاءِ تيار ناهن. بهتر ٿئي ها ته غزل کي ٻين ڪويتائن کان الڳ رکين ها، ڇو ته غزل کي هڪ پنهنجي سندرتا ۽ سونهن آهي. خير، تنهنجي اهڙيءَ جاکوڙ لاءِ توکي شاباس هجي.

تنهنجو پنهنجو،

ڪمل "پياسي"، گانڌينگر

دادا، مان نه ٿي ڀانيان ته اوهانجو سنديش، ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ پڙهي ڪوئي سمجهي ۽ اوهان کي حاسد جي نظر سان ڏسندو. شل گرو بابا اوهان کي وڏي وڏي اَورجا ڏيندو جيئن اسان سنڌين کي اوهان جو سنڌي خزانو ملندو ئي رهي.

اوهان جي سڪ ۾،

اڪا گولاڻي، اُلهاسنگر

پروفيسر، آر. ڪي. ٽي. ڪاليج

✱ هري اوم،

مان شاعريءَ مان ايترو نه ڄاڻان. مگر شري ايم. رفيق صاحب جو ڪتاب ”دل و دنيا“ پڙهي من کي مستي اچي وئي. هڪ هڪ شعر ۽ غزل دل کي ڇهندڙ آهي. رفيق صاحب کي روبرو ته نه ڏٺو آهي ليڪن سندس شعرن وسيلي سندس اَنتر آتما جي پرواز کي ڄاڻي سگهيو آهيان. مگر ڪنهن حد تائين. شاعر رفيق صاحب زندگيءَ جي هر پهلو کي شعرن جي وسيلي ڇهيو آهي. انمول آهن هن صاحب جا شعر. ڪتاب جو ڪو به پيج کولي ڏسجي، پڙهجي ته اُن مان انوکو آنند پيو اچي. مثال طور :

(١) رفيق نمرتا وارو:

”رفيق“ غلام سڀ جو،
سڀ کي سلام منهنجو،
هاڻي شروع ڪيان ٿو،
عاشق ڪلام پنهنجو.

(٢) رفيق هڪ عاشق :

”رفيق“ هٿي ٿو هام عشق ۾ اچي،
جيڪو آ لڌو مون ڪوئي نه لهي سگهندو.

شل ڀڳوان اوهان کي تندرستي بخشي جو اسان سنڌي ٻولي پڙهندڙ کي اڳتي به اهڙيون ناياب سوکڙيون ملنديون رهن.

رفيق تنهنجي ”دل و دنيا“ آهي سڀن کان نياري،
پرجي وڃي نه دل ٿي، هڪ دفعو پڙهڻ سان.
ڪافي هجي يا غزل، گيت يا ڏوهيڙو،
ناهي عقل ايڏو تورڻ مان، ڪنهن کي ڪنهن سان.
دل بي قرار ٿي آ، ٻه اکر لکڻ لاء،
هن يار جي قلم جي، ڪيان مان ڀيٽ ڪنهن سان.
آهيان مان ننڍڙو تارو، هن ديپڪ منار اڳيان،
پر صدمو رسندو ٻيڻو، جز ٻي کي دٻائڻ سان،
اونده پئجي وڃي جيئن سج جي ڪرڻن سان،
رقيب سڀ پئجي ويا، ”ڪان“ ”رفيق“ جي ملڻ سان.
جهڪجي وڃي ٿو سر، ”رفيق“ جي ادب ۾،
ويو آ پيار ٿي، هن يار جي قلم سان.

پيارن مان اوهانجو پيارو
ڪنعيالعل (ڪان) آهوجا

❋ دادا رفيق،

اوهان جي ڀيٽ ڪيل سوکڙي ”دل و دنيا“ ملي. ور ور پڙهڻ سان به دل نٿي ڍاپي. هر غزل هڪ ٻي کان وڌ آهي. تنهن ڪري ڪابه ڪنهن سان ڀيٽ نه ٿي ڪري سگهان. پر جن غزلن دل کي ڏوڏي ڇڏيو آهي اهي آهن: ”هي ساز به آ تنهنجو“، ”داتار تنهنجي در تي“، ”مستيءَ ۾ رهان ٿو“ ۽ شعر ڇانهه ويٺي پيٽي ۽ تنهن کان به وڌ ”من جون ڇوليون، دل جون ٻوليون.“

ڏسي نيل ”ساگر“

ڏسي نيل ”ساگر“،
هرکو پڇي ابر کان،

آهي ڪٿان هي جاڳيو،
”رفيق“ اڄ قبر هان،

آهي زمانو بدليو،
آهي ترانو بدليو،

عاشق بڻي اُٿيو آ،
سالن جي اڄ صبر مان.

(٣) رفيق جي التجا:

شاهي خمار آهي،
بس بي حساب آهي،
رفيق سنڀالي رکجو،
اَصلي شراب آهي.

رفيق صاحب جو اڻ کٽ خزانو شاعريءَ جو آهي. بيان ڪرڻ منهنجي هستي نہ آهي. مگر آخر ۾ صرف هي سٽون:

رفيق آهي شاعر، ڳائي ٿو بي خوديءَ ۾،
قدرت جو ڪرشمو آ، جاڳي نئين جوانيءَ.

شيام جوڪاڻي

غـــزل

(۱)

مهنجو شعر، دل جي ٻولي آهي،
رنگ ڀري رنگولي آهي.

(۲)

نئين جواني ۽ مستاني،
جيئن ساگر جي ڇولي آهي.

(۳)

هر دل کي هرکائي ويئي،
ڄڻ سهڻيءَ جي ڇولي آهي.

(۴)

هر ڪوئي ساراهه ڪري ٿو،
ڪن جي لاءِ ٻرولي آهي.

(۵)

ڪجهه به ڇئو، ٻي ڏڙڪ ڇئي ڏيو،
"رفيق" حاضر جهولي آهي.

غـــزل

(١)

نظم، نثر ٻئي پائر آهن، آهي ٻنهي جـــو پاڻ ۾ پيار.
هڪڙو ڳائي ۽ ٻيو ٻولي، هڪڙو شاعر ٻيو ليکڪ يار.

(٢)

آسمان ۾ بـادل ڇانيان، جهڙ جهڙالو مست ٻٽيو،
ليکڪ لـکي پيار ڪهاڻي شاعر ڳائـو گيت ملهار.

(٣)

مشڪ عنبر ڪستوري ڦهلي، جاڳـي فضا ۾ موج تمام،
گـلزاري گلڪاري جاڳي، گـلشن ڪوليا نيڻ بهار.

(٤)

عشق ٻنهي جو ساڳيو آهي، ڪوئي سوچي ۽ سمجهي،
دل جـــو ڪاغذ قلم هٿن ۾، جادوگر هرهڪ فنڪار.

(٥)

شاعر، ليکڪ ٻئي ديپڪ آهن، روشن راهه ٻڌائين ٿا،
همت ۾ همت ملائي "رفيق" ٻڌائن سندر ساهتيه جو سنسار

فهرست

غزل

(۱)

شاعر بڻجي پيتايو آ.
ساگر کي ڇلڪايو آ.

(۲)

ڏسي دلين ۾ غم مايوسي،
حسن عشق ڦهلايو آ.

(۳)

گيت، غزل ۾ نئين جواني،
محفل کي جهومايو آ.

(۴)

عاشق دل تعريف ڪئي آ،
حاسد کي ڏهڪايو آ.

(۵)

ايم. ڪمل تنقيد پلي ڪر،
رقيب کي "رفيق" بڻايو آ.

ستگر مهما

(١)

ستگر مهما ڪوئي نہ ڄاڻي،
ستگر اُپما ڪوئي نہ ڄاڻي.

(٢)

ستگر آهي ڄان خدا جي،
راز رهنما ڪوئي نہ ڄاڻي.

(٣)

نُور اِلاهي عشق اِلاهي،
سچي سائنا ڪوئي نہ ڄاڻي.

(٤)

ستگر تاري خدا نہ تاري،
يار دائما ڪوئي نہ ڄاڻي.

(٥)

"رفيق" راز رکيو سڀ دل ۾،
اَمر وندنا ڪوئي نہ ڄاڻي.

(٣)

ساڳر جي وشال دل ۾ چند لئه پيار آهي،
دلبر جي هڪ جهلڪ تان جان نثار آهي،
ڇولين جا پر ٻڌائي، چند ڏانهن اُڏڻ ٿو چاهي،
ساڳر جي دل ۾ مستي، نظرن ۾ خمار آهي.

(٣)

ساڳر ته رحم کائي، پاڇو ٻڻي اچي ٿو،
ساڳر ڏسي چند کي پاڳل ٻڻي نچي ٿو،
هر ڪنهن کي يار پنهنجو، هر ڪنهن کي پيار پنهنجو،
محبت جا خدا، کهڙا ”رفيق“ رنگ رچي ٿو.



شاعر جي قلم مان :-

(١)

سنسار ھن سڄي ۾، ساگر سمان نہ ڪوئي،
ساگر مھان آھي، ساگر سمان نہ ڪوئي،
ساگر اَپار ھستي، ساگر اَپار شڪتي،
خود پنھنجو ڪري سگھندو، ساگر بيان نہ ڪوئي.

(٢)

ساگر جو کارو پاڻي، برسات ٿي وسي ٿو،
اُوجل ۽ مٺو پاڻي ھر جيوَ کي رسي ٿو،
ھر جاءِ گلشن گلشن، ھر جاءِ موُج مستي،
ھرڪوئي پنھنجو جيون گلزار ٿي پسي ٿو.

واقفيت

(۱)

سنڌ جو ضلعو سکر، ڳـڙهياسين جو شهر،
ڏينهن، ھر رات ٿـڌي هير جو سحر،
تاريخ ٻـي ڊسمبر، اُڻـويھ سؤ ۽ ٽيھ،
منهنجي حياتيءَ جو شروع ٿيو سفر.

(۲)

سنڌ ۾ هيس مان ”مستان“، هاڻي ”رفيق“ آهيان،
بڻي گـل گلستان، سڀ جي قريب آهيان،
ڪو چمي ٿـو چاھ مان، زلفن ۾ سجائي ڪوئي،
”رفيق“ آءٌ آهيان اَنجان، شاعر عجيب آهيان.

(۳)

آهي اَڇـي ڪو وينو دل ۽ دماغ ۾،
ڪوئي روشني ٻـڻي وينو آهي چراغ ۾،
ڪوئي پڇي ”رفيق“ لاءِ هڪدم چئي ڏيو،
”رفيق“ وينو آهي شاعريءَ جي باغ ۾.

(۴)

هـر شعر منهنجو آهي، تنقيد کـان مٿي،
هـر شعر خوبصورت اُميد کـان مٿي،
هر شعر ۾ اپريل آ، جذباتي رواني،
”رفيق“ شعر منهنجو خـريـد کـان مٿي.

سنگيت شروعات

"رفيق" غلام سڀ جو،
سڀ کي سلام منهنجو،
هاڻي شروع کريان ٿو،
عاشق ڪلام پنهنجو.
آسيس منگان سڀ جي، بخشيش ٿئي مون ٿي،
بخشيش منگان سڀ جي، آسيس ٿئي مون ٿي.

غزل

"رفيق" جو ڪلام آ،
"رفيق" جو سلام آ،
ڪلام عاشقيءَ جو،
"رفيق" جو پيام آ،
آهي دام نام جو،
"رفيق" جو نه نام آ،
زمين آسمان تي،
"رفيق" جو نظام آ،
"رفيق" يار پيار جو،
"رفيق" جو غلام آ.

ڪوئي نيهه لڳائي ته ڏسي

ڪوئي نيهه لڳائي ته ڏسي،
ڪوئي پريتم پرچائي ته ڏسي،
شمع جلي ۽ پروانو نه جلي،
ڪوئي ديواني کي سمجهائي ته ڏسي.

کڙڪي بند نه ڪريو هوا ايندي رهي

کڙڪي بند نه ڪريو هوا ايندي رهي،
محبت ۾ ڪنهن ڪان خطا ٿيندي رهي،
آبشار پهاڙن تان هيٺ آيو لهي،
"رفيق" کي شاعري عطا ٿيندي رهي.

جيڪي به چوان ٿو تڪبر نه چئو

جيڪي به چوان ٿو تڪبر نه چئو،
جيڪي به چوان ٿو تصور نه چئو،
عشق جي اڻ لڪي، "رفيق" پيتي ذري،
مستيءَ ۾ رهان ٿو، بي خبر نه چئو.

اَڄ نئين جوانيءَ آئي آ

اَڄ نئين جوانيءَ آئي آ،
نغمن جي رواني آئي آ،
جذبات جو شاعر جاڳي اُٿيو،
بيخود جي زباني آئي آ.

هلندي هلندي ڇا عنايت ٿي وئي

هلندي هلندي ڇا عنايت ٿي وئي،
ڏسندي ڏسندي ڇا ڪرامت ٿي وئي،
مون ڪيو سڀيو عبادت جو اَڃا،
ويٺي ويٺي ئي زيارت ٿي وئي.

گيت

(۱)

مائي منهنجو يار وسي منهنجي مـن ۾،
آءُ ڀونديان پيئي ٻـن ۾.

(۲)

ڳولهيان ڳولهيان جهنگ جهر ڳولهيان
پلڄي ڪين ڪي گهر تي ڳولهيان
ڪين ڇپو ڪنهن ڪـن ۾.

(۳)

لالـي لـڳايان، مهيندي لـڳايان،
ساجن خـاطـر پـار سجايان،
نينهن نـچـي نيڻن ۾.

(۴)

اَڄ اَڪيلي رات نـہ تيندي،
پـيـار بنا ٻـي بات نـہ تيندي،
سيج سجي گـلشن ۾.

(۵)

جاڳـي اُٺنديون منهنجون اکـڙيون،
جيئن جاڳن گـلشن ۾ مکڙيون،
ڀؤنـري جـي گونجن ۾.

(٦)

عقل عشق کي ڪين ڪي جاڻي،
گيت سنگيت جـي مستي ماڻـي،
راز "رفيق" جي فـن ۾.
مائي منهنجو يار وسي منهنجي من ۾.

غزل

(۱)

جڳت پيارو، حسن خدا جو،
نُور نظارو، حسن خدا جو.

(۲)

سورج منڊل، چنڊ ستارا،
بحر، ڪنارو حسن خدا جو.

(۳)

بادل گرجن، بجليون ڪڙڪن،
جل وسڪارو حسن خدا جو.

(۴)

گلشن ۽ انساني جيون،
عالم سارو حسن خدا جو.

(۵)

دل جو ڏڪڙ شاعر سمجهي،
"رفيق" پيارو حسن خدا جو.

غـــزل

(۱)
يـــار ڪـري ويناسين يـــار،
پيار ڪري ويناسين يـــار.

(۲)
تنهنجون منهنجون اکڙيون ساڃيون،
ديــــدار ڪـري ويناسين يـــار.

(۳)
تنهنجي منهنجي ساڃـي کهاٽي،
اعتبار ڪري ويناسين يـــار،

(۴)
روح اسانجو سير تـــي نڪتو،
شڪار ڪري ويناسين يـــار.

(۵)
دل ۾ دل جو يـار ملي ويو،
دلـدار ڪري ويناسين يـــار.

(۶)
"رفيق" خدا اڄ ملڻ اچي تو،
سينگار ڪري ويناسين يـــار.

غزل

(١)

سڀ اشارا تنهنجا آهن،
سڀ نظارا تنهنجا آهن.

(٢)

سج تنهنجو آ، چنڊ تنهنجو آ،
سڀ ستارا تنهنجا آهن.

(٣)

درياهه ۾ ڪشتي آ منهنجي،
سڀ ڪنارا تنهنجا آهن.

(٤)

مندر ۾ جي گهنڊ وڄن ٿا،
ناد نغارا تنهنجا آهن.

(٥)

حسن حويلي آهن تنهنجا،
عشق منارا تنهنجا آهن.

(٦)

"رفيق" راس گذاري رب سان،
رب پيارا تنهنجا آهن.

(٦)

سانگ سٽاٽا ٻِ رنگ هزارين، تنهنجا رنگ نرالا،
پريم جي ٻيڙي جل چشمن ۾ هرسو سڪ سان ڪاهين.

(٧)

محب ڏسي نيلم ماڙيءَ ۾ منڙو چندر آڪاسي،
چڪ تي چڪجي ڏور وڃڻ لاءِ ٻانهون ٿو ڦهلائين.

(٨)

مستيءَ ۾ مخمور ٻڌين ٿو، تنهنجي چال نرالي،
گهورون گهورين لعل هزارين، چوليءَ سان چِلڪائين.

(٩)

رات ڪٽي اُت سحر اَچي پيو، ساڳيو سڙ ۽ وڇوڙو،
محبت ڪان "مستان" سدائين، اَهڙو حال ٻڌائين.

ساگر

(١)

چنچل هردي وارا ساگر، ڇا لاءِ شور مچائين،
ٽڙڦين ڇا لءِ ڦٿڪين ڇا لءِ، ڇا لءِ جان جلائين.

(٢)

تن ۾ جهوري، چت ۾ لوري، من ۾ رات انڌاري،
سڏڪن سان نيڻن جو جل، بيحد پيو ڇلڪائين،

(٣)

آهه دکياري دل مان چيخي هيبتناڪ هزاري،
کهڙي ڪارڻ سينو پنهنجو پربت سان ٽڪرائين.

(٤)

آنسن جو ڪو انت نه ڪوئي، ليت لسي ٿي جاري،
آهون ڦوڪي نير ٻڪر تي، لهر ٽڪي لهرائين.

(٥)

سوز اندر ۾ آگ اٿاري، نت نت لات اياري،
ڇوه منجهان ڇولي ٿي اٿين ماهيءَ جيان ڦٿڪائين.

(٤)

هيٺ مٿي هر بار ٿئي ٿو، منهنجو پيارو پينگهو،
جئن جئن جهولي تئن تئن لائي، ڇهه ڇهه نيارو چينگهو،
سونهري ڪرڻا سينگارين، رنگبرنگي ڏولي،
مان ساگر جي ڇولي!

(٥)

مست جواني دل - مندر ۾، چنچل شور مچائي،
مستيءَ ۾ مخمور بڻائي، عمدو ناچ نچائي،
آهيان نه ته "مستان" اصل ۾ ڀوري ڀالي ڀولي،
مان ساگر جي ڇولي!!

گيت

(۱)

مان ساگر جي ڇولي!
ناچ نچان سر تار پکيڙيان، ڇيڙيان ساز هوائي،
نيلم جي ماڙيءَ مان نڪري، مٺڙي اپسرا آئي،
گيت ٻڌايان مٺڙو مٺڙو، ڳايان طرز اَلولي،
مان ساگر جي ڇولي!

(۲)

هير ڏکڻ جي ساڙهي منهنجي، ڇرچن سان اُڏائي،
مرڪي منهنڙو کولي پنهنجو، مٺڙي ٻات ٻڌائي،
مان ڄاڻان پر سرشٽي ساري سمجهي ڪين پرولي،
مان ساگر جي ڇولي!

(۳)

چنچل آهيان نالو منهنجو ڇولي نير ڪماري،
نيلي ساڙهيءَ واري، منهنجي ساگر ماءُ پياري،
گود لڪي مان ٻوليان، مٺڙي ٻارن واري ٻولي،
مان ساگر جي ڇولي!

غـــزل

(۱)
آءٌ ديوانو، تـــون ديوانـي،
پاڳـل ڇهرو آهـــ نشانـي.

(۲)
مشڪل آ ڪنهن کي سمجهائڻ،
حسن عشق جي پريت پرائـي.

(۳)
هرڪو ڳائـي، هرڪو چاهي،
نـئين زندگـي، نـئين ڪهاڻـي،

(۴)
آءٌ خـدا جي ڪريـان بندگي،
مـئدم محبت جي مستانـي،

(۵)
"رفيق" ڪٿي اَج آيـو آهي،
گيت غزل ۾ نـئين جوانـي.

غــــزل

(١)

ڪارو تن ۽ ڪارو من، ڇو جيون جو آڌار بڻيو،
ڪين سچائي ڪٿي رهي، ڪوڙ سندو واپار بڻيو.

(٢)

دل جي سچائي ڇا ٿيندي آ، دل جي صفائي ڇا ٿيندي آ،
ڪير نه ڄاڻي، ڪهڙي خبر اَڄ جونو ڇو سنسار بڻيو.

(٣)

نه دين رهيو، نه ڌرم رهيو، نه ڪرم ڪوئي شرم رهيو،
ڪُوڙ جو چاهڪ، ڪُوڙ جو گاهڪ، ڇو جيون جو اڌڪار بڻيو،

(٤)

ڪُوڙ خرابي، ڪُوڙ شرابي، ڪُوڙي حڪومت آئي آ.
سچ دفنائي، ڪُوڙ بهادر راڄ جو اڄ حقدار بڻيو.

(٥)

ديش جي عزت، ديش جي دولت، ”رفيق“ اڄ سڀ لٽجي وئي،
حرص حواسن ڇڏيو ڀلائي، ڪين ڪٿي ڪو بيدار بڻيو.

غزل

(۱)

گوري ٽوڪي مان پانيان ٿو،
عاشق ٻڌجي مان چاهيان ٿو.

(٦)

تنهنجو حسن خدائي آهي،
گلاب سمجهي مان پانيان ٿو،

(۳)

گل گلاب جو پؤنرو آهيان،
غزل گلابي مان ڳايان ٿو.

(۴)

عشق نہ ڄاڻي منهنجي سرحد،
روز نئين مان ٻڌايان ٿو.

(۵)

عاشق آهيان عاشق رهندس،
دنيا کي مان سمجهايان ٿو.

(٦)

آءٌ ”رفيق“ شاعر روحاني،
لهر نئين مان لهرايان ٿو.

غـــزل

(١)

حسن زيـــارت کھڙي آ،
عشق عـبـادت کھڙي آ.

(٢)

سونهن سندو سيلاني آهيان،
راز محبت کـهـڙي آ.

(٣)

عشق کري جو عشق نہ ڄاڻي،
هـــاءِ قيامت کھڙي آ.

(٤)

تنهنجي منهنجي پريت پراڻي،
دل جـي صداقـت کھڙي آ.

(٥)

حسن روز خيرات کري ٿـو،
عشق عنايت کھڙي آ.

(٦)

”رفيق“ ڏٺيءَ در پيو ڀاڙائي،
تنهنجي رحمت کھڙي آ.

غزل

(١)

دل جو ڪتاب ڪٿي آيو آ.
عشق جو باب ڪٿي آيو آ.

(٢)

گلشن گلشن ڀؤنرو ڀؤنرو،
ڪير گلاب ڪٿي آيو.

(٣)

حسن جواني حيرت حيرت،
ڪير شباب ڪٿي آيو آ.

(٤)

اَڄ حسن جو عاشق بڻجي،
ڪير حجاب ڪٿي آيو آ.

(٥)

”رفيق“ جو راز ”رفيق“ ئي ڄاڻي،
روح جو رباب ڪٿي آيو آ.

غــزل

(١)

عاشق بڻجي آءُ اَچان ٿـو، گوري تنهنجو يـار بڻي،
عاشق بڻجي آءُ اَچان ٿو، گوري تنهنجو پيار بڻي،

(٢)

تنهنجو محل نرالو آهي، محل جــو رنـگ نرالو آ،
آءُ جڳن کان آيـو آهيان، گوري تنهنجو اِنتظار بڻي.

(٣)

حسن حقيقت کير نـہ ڄاڻي، سينگار عنايت ڪنهنجي آ،
تنهنجا عـاشق ڪيئي بيٺا درخــت ڇايادار بڻي.

(٤)

چنڊ چانڊني تنهنجو چهرو قـهـر گهٽائون زلفن ۾،
تنهنجا چـرن چمي ٿـــو ساگر، چولين جـي چمڪار بڻي.

(٥)

عاشق تنهنجو آءُ نرالو، ڪير نـہ ڄاڻي منهنجو پاڳ،
منهنجي پاڳ جي ريکا آئي پاڳن سان دلدار بڻي.

(٦)

حسن جواني تنهنجي ڇايا هردم تنهنجو رُوپ انوُپ
”رفيق“ جمالي، شاعر ڪمالي، آيو تنهنجو اَڄ خريدار بڻي.

غـــزل

(١)

دل منهنجي، مـان ساگر آهيان،
چنڊ ئي اَصل کان عاشق آهيان.

(٢)

چنڊ چمڪي جڏهن آسمان ۾،
ڇـوهه منجهان ڇوليون ڇلڪايان.

(٣)

عشق اَنوکو منهنجو آهي،
بـــادل ٻڻجي مينهن وسايان.

(٤)

پريت پراڻي ريـــت پراڻـي،
عـــاشق ٻڻجي دل تـڙڦايان.

(٥)

"رفيق" راز کي راز ئي رکبو،
راز جون ڳالهيون ڪيئن ٻڌايان.

غزل

(١)

کنهن کي کنهن کي چاهيان مان،
کنهن کي کين پڌايان مان.

(٢)

سارو سورج منڊل منهنجو،
روشن ڏينهن بڻايان مان.

(٣)

چنڊ ستارا منهنجا ديپڪ،
راتين کي چمڪايان مان.

(٤)

گلشن گلشن شبنم شبنم،
گلشن کي مهڪايان مان.

(٥)

”رفيق“ مجازي عشق جي تهه ۾،
روحاني راز پڌايان مان.

غـــزل

(١)

آءٌ شاعر، تـون منهنجي شاعرا.
آءٌ عاشق، تـون منهنجي عاشقا،

(٢)

تنهنجي منهنجي سونهن نـرالـي،
آءٌ شائـق، تون منهنجي شائـقا.

(٣)

آهـــ زندگي عشق ڪهاڻي،
آءٌ نائڪ، تـون منهنجي نائڪا.

(٤)

سرگـم جي سنگيت سرن جـــو،
آءٌ گائڪ، تـون منهنجي گائڪا.

(٥)

حسن ڇڏيو "رفيق" هرڪائي،
آءٌ حسين، تون منهنجي مه لقا.

ساگر

غزل

(۱)

حسن چورائي ويٺو آهيان.
گلشن سجائي ويٺو آهيان.

(۲)

حسن اجنبي، عشق اجنبي،
يار ٻڻائي ويٺو آهيان.

(۳)

آءٌ ساگر ڏسي چنڊ کي،
دل ٽڙڦائي ويٺو آهيان.

(۴)

بادل ٻڻجي آءٌ چنڊ جو،
رُوپ ڇپائي ويٺو آهيان.

(۵)

عاشق آهيان، "رفيق" عشق ۾،
پاڻ پلائي ويٺو آهيان.

غــزل

(۱)

اَنجام ڪري اِنتظار ڪرائي تـا ڇڏيو،
دل ـ نادان کي بيقرار بڻائي تا ڇڏيو.

(۲)

تنهنجو مشڪل جام جـو ڇلڪڻ آهي،
ڪن پل ۾ خمار چڙهائي تا ڇڏيو.

(۳)

تنهنجي صحبت محبت جو پيام آهي،
ويـران زندگي گلزار بڻائي تـــا ڇڏيو.

(۴)

عشق جـي وادين ۾ تنها تنهائـي آ،
پنهنجي جدائيءَ ۾ اشڪبار بڻائي تـا ڇڏيو.

(۵)

"رفيق" عاشق نـہ ڄاڻي عشق جي منزل،
پنهنجيءَ منزل جو حقدار بڻائي تا ڇڏيو.

غزل

(۱)
توُن گلشن گلزاري آهين.
توُن شوهر جي پياري آهين.

(۲)
شوهر تنهنجو سدا رنگيلو،
توُن خوشبوءِ ھبڪاري آهين.

(۳)
تنهنجي عنايت گلشن جاٽي،
توُن شبنم باغ بهاري آهين.

(۴)
آهين محبت جو مئخانو،
مست مدام خماري آهين.

(۵)
تنهنجو حسن جواني حيرت
شادي شده ڪنواري آهين.

(۶)
"رفيق" نياز نگرت نيڻن ۾،
توُن سيني ڪان نياري آهين.

ساگر

غزل

(١)

ساگر جي ڇولي شرمائي.
پريم ڪهاڻي ڪيئن ٻڌائي.

(٦)

آسپاس ۾ ڇوليون ڪيئي،
دل جو راز ڪيئن ڇپائي.

(٣)

ڏينهن ڏني جو عشق اُگهاڙو،
سڀ جو ڪرڻو آيو ڪاهي.

(۴)

چنڊ جادوُگر ايندو هوندو،
ڇوليءَ ڇڏيو ڪيس پڇائي.

(٥)

رات جو راڻو، شان شاهاڻو،
چنڊ لئه ڇولي ٿي واجهائي.

(٦)

ديپ جليا، پر چنڊ نه آيو،
”رفيق“ ڇولي ٿي ٻاڏائي.

غزل

(۱)
آءُ تنهنجي جذبات کي سمجهان،
آءُ تنهنجي خيالات کي سمجهان،

(۲)
آهه جدائي غم جو پيالو،
اشڪن جي برسات کي سمجهان،

(۳)
عشق نه آيو، عاشق آيو،
عاشق جي اَڌ رات کي سمجهان،

(۴)
تارا ستارا اُپ ۾ ٽمڪن،
محبت جي هر بات کي سمجهان،

(۵)
عشق اِلاهي "رفيق" ڪيو مون،
قادر جي ڪائنات کي سمجهان،

غـــزل

(۱)

هڪ اونداهي ٻي برسات،
جاڳي جاڳي ٿي اڌ رات.

(۲)

منهنجو ساجن اڃا نه آيو،
روئي ڏنو دل جي جذبات.

(۳)

دل ۾ ڪيئي پـور پچايم،
محبت جي ٿيندي هر ٻات.

(۴)

عاشق عشق ڪري موٽي ويا،
پره ڦٽي آئـي پرڀات.

(۵)

"رفيق" رات وهامي ويئي،
لڳي لنو ساجن جي لات.

غـــزل

(۱)
غـم جي چـو تصوير بڻي آ،
هـيءَ کهڙي تـقدير بڻي آ.

(۲)
ڏينهن غمن ۾، رات غمن ۾،
هيءَ کهڙي شمشير بڻي آ.

(۳)
عشق اَڌورو رهجي ويندو،
هـــيءَ کهڙي تدبير بڻي آ.

(۴)
يار نہ آيو، پيار نہ آيو،
دل ۾ خـــاص اُڪير بڻي آ.

(۵)
حسن آزادي کـوهـي وينو،
”رفيق“ عشق زنجير بڻي آ.

غــزل

(۱)

آءُ به آهيان سهڻو جوان،
دل ۾ محبت جو سامان.

(۲)

عرش فرش تي منهنجو ڌاڪو،
ڪين ڇڪي منهنجو نيشان.

(۳)

گهائڻ لــءِ سامان رکان ٿــو،
تــرڪش ۾ نظرن جـــو بــاڻ.

(۴)

گهائڻ دل کي جا سهڻي آ،
آءُ ڪريان تنهن تــي احسان.

(۵)

ڪوئي گهر جو ياتي سمجهي،
ڪوئي سمجهي ٿــو مهمان.

(۶)

شاعــر آهيان، سهڻو آهيان،
”رفيق“ محبت جـــو طوفان.

غـــزل

(١)

آءُ نہ ڄاڻان تنھنجو پيار،
پيار ڪري جيون گلزار.

(٢)

تنھنجي منھنجي هستي ڪھڙي،
پيار مان پئدا ٿيو سنسار.

(٣)

حسن عشق جي پاڻ ۾ ياري،
ڪير ڪري ڪنھن سان تڪرار.

(٤)

حسن روپ ۽ عشق جواني،
حسن جيون جـو سينگار.

(٥)

"رفيق" حقيقي راز ٻڌايو،
جيون، جيون جـو آڌار.

غزل

(١)

پٽي ڪورٽ جو در ڪڙڪائي،
پٽني ويٺي راڄ هلائي.

(٢)

ڪير ڪندو اعتبار دنيا ۾،
هيءَ سچي حقيقت آهي.

(٣)

هاءِ سياست، آهه ڇا حالت،
ديش جو نيتا ديش کي کائي.

(٤)

جوڳي يا سنياسي ڪهڙو،
پئسي تي ويٺو پار پلائي.

(٥)

ڪنهنکي حسن تي، ڪنهنکي پئسن تي،
”رفيق“ خدا ويٺو آزمائي.

غـــزل

(١)

گھوڙا چوڏاري، وچ ۾ گاڏي.
ڪوچوان جي مرڪي ڳاڏي،

(٢)

عجب عجيب تماشو آهي،
هرڪو ڏسي ڪري اک آڏي.

(٣)

ملڪ اندر ماندائي متل آ،
هرڪو ڀائي ڏن جي چاڏي.

(۴)

مـرد ن ۾ مونجهارو آهي،
راج ڪندي هاڻي گھر جي لاڏي.

(٥)

"رفيق" خبر خدا کي ڪانهي،
ڪير سندس هو ڏاڏو ڏاڏي.

غـــزل

(۱)
مسٽر تو مسٽر ڪي جاڻي.
دل منهنجي دلبر ڪي جاڻي.

(۲)
آءٌ نه جاڻان اوڙو پاڙو،
دل منهنجي گهر گهر ڪي جاڻي.

(۳)
آءٌ نه جاڻان ڪنهن ٻئي سر کي،
دل منهنجي هر سر کي جاڻي.

(۴)
آءٌ نہ جاڻان ڪنهنجي ور کي،
دل سيني جي ور کي جاڻي.

(۵)
"رفيق" راز رازن جو آهي،
دل جيڪر، جيڪر ڪي جاڻي.

غــزل

(١)

چنڊ بڻين تون چمڪين ٿي،
پايل بڻجي تون ڇمڪين ٿي.

(٢)

چنڊ بڻيو تنهنجو سودائي،
چاندني بڻي تون ٻهڪين ٿي.

(٣)

ساگر جي دل، تنهنجي دل آ،
چولي بڻجي تون چلڪين ٿي.

(٤)

پيار محبت گلشن گلشن،
گلشن بڻي تون مهڪين ٿي.

(٥)

"رفيق" بڻيو، تنهنجو ديوانو،
ديواني ٿي تون ڀڙڪين ٿي.

غزل

(۱)

ڪجهہ صبوح، ڪجهہ شام جو.
نالو وٺ تون رام جو.

(۲)

نالا پيا ٿا گهٽيئي آهن،
پيارو نالو شيام جو.

(۳)

ڌرتي ڌام نہ آهي سک جو،
ڌام سچو سکڌام جو.

(۴)

حڪم هلائي سڀ هليا ويا،
حڪم اٽل ستنام جو.

(۵)

حسن جواني آهي فاني،
”رفيق“ بہ رهندو نام جو.

غـــزل

(١)

كوئي آهـي، جو منهنجي يار جـــو اقبال ڏسي،
كوئي آهي، جو منهنجي يار جو جمال ڏسي.

(٢)

كوئي آهي، جو منهنجي يار جـو ديدار كري،
كوئي آهي، جو منهنجي يار جو كمال ڏسي.

(٣)

كير آهي، جو ڏسي يار كي نـه پيار كري،
كوئي آهي جو منهنجي يار جـو جلال ڏسي.

(٤)

يار جو حسن گلابي، گلشن چهرو اکڙيون عنابي،
كوئي آهي، جو يـار جو حسن بي مثال ڏسي.

(٥)

آءُ نـه جاڻان حسن يار جو، حسن گلابـي ڇا ٿيندو آ،
كوئي آهي جو "رفيق" حسين يـار جو سوال ڏسي.

غزل

(١)

ڏت ڏهاڙي چاڙهينداسين.
ڳوڙها ڪين ڪي ڳاڙيندا سين.

(٢)

ڪنهن جو ڏسي محل ماڙي
پنهنجو ڇپر نه ساڙينداسين.

(٣)

جوش ڪري ڇو هوش وڃايون،
پنهنجي من کي نه ڪاڙهينداسين.

(٤)

پنهنجي محنت پنهنجي آهي،
ٻئي تي ڪين ڪي پاڙينداسين،

(٥)

”رفيق“ وطن جي واري منڙي،
جان وطن تان وارينداسين.

غــزل

(۱)
وطن کـي آءٌ وساري ويٺس،
پاڻ کـي آءٌ سنڀاري ويٺس،

(۲)
ساٿي منهنجا ڪيئي مري ويا،
پاڻ کـي آءٌ جيئاري ويٺس،

(۳)
هاءِ! وطن جي حب نہ رهي آ،
شايد آءٌ ٻـهـاري ويٺس

(۴)
ديش ٻڏنديءَ جي ڪشتي لوڙهي،
آءٌ اُڇـي ڪناري ويٺس،

(۵)
”رفيق“ اڃا آءٌ جيئرو آهيان،
لــڄ شرم کي ماري ويٺس،

غـــزل

(١)

آءُ اُڇـان تنهنجي خوابـن ۾،
آءُ رهان تنهنجي پلڪن ۾.

(٢)

تنهنجي جواني آ ديوانـي،
نـت روز پسان دل جـي درپن ۾.

(٣)

پيارو پياسي ڀـؤنـرو بڻجي،
آءُ گهمان تنهنجي گلشن ۾.

(٤)

شرم حيا جـــو ڪاجل بڻجي،
آءُ رهان تنهنجي اکين ۾،

(٥)

عاشق آهيان بـادل بڻجي،
آءُ وسان تنهنجي آنـگن ۾.

(٦)

دل جي درد جي راز کي سمجهان،
"رفيق" رهان تنهنجي ڌڙڪن ۾.

غـــزل

(١)

لٽن ٿـا ديش جا نيتا، اسين ليڪن ڏسون وينا.
ڦرن ٿـا ديش جا نيتا، اسين ليڪن ڏسون وينا.

(٢)

آزادي جـــا ملي آهي، آزادي قـوم جي آهي،
ڪسن ٿا ديش جا نيتا، اسين ليڪن ڏسون وينا.

(٣)

دوکيبازي، دغابازي بـڻـي آ راج جي نيتي،
ڪلن ٿا ديش جا نيتا، اسين ليڪن ڏسون وينا.

(٤)

عقل وارا، علم وارا ۽ چپ قانون ڇـو آهي؟
ٺـڳن ٿا ديش جا نيتا ليڪن اسين ڏسون وينا.

(٥)

ويڙهائي عام ماڻهن کي "رفيق" ڪُڙن دلاسن تـي،
ٻڌن ٿا ديش جا نيتا، اسين ليڪن ڏسون وينا.

غـــزل

(۱)
آءُ نـــہ ڄاڻان تنهنجي چـاڻ،
تون محبت جي آهين مهراڻ.

(۲)
ڪلي ڪلي گلشن جي جهومي،
هر جـــا ڦهلائن ٿيون سرهاڻ.

(۳)
راهـــہ مسافر وڃي ڪو پلجي،
تنهن سان ڪن ٿيون روح رهاڻ.

(۴)
روح اَسان جو جاڳي اُٿيو آ،
پريت جـــو پهري ٿـــو پهراڻ.

(۵)
”رفيق“ رات گذري رب سان،
اکين منجهہ اَهـــڙو اُهڃاڻ.

غـــزل

(۱)
تنهنجي عظمت ڪوئي نه جاڻي،
تنهنجي رحمت ڪوئي نه جاڻي.

(۲)
تون قادر، سڀ تنهنجو پسارو،
تنهنجي قدرت ڪوئي نه جاڻي.

(۳)
تون خالق هر جيو ڪي خلقين،
تنهنجي خلقت ڪوئي نه جاڻي.

(۴)
تنهنجا آهن پورپل پنڌار،
تنهنجي برڪت ڪوئي نه جاڻي.

(۵)
تون ساگر، گهنگهور گهٽائون،
تنهنجي دهشت ڪوئي نه جاڻي.

(٦)
"رفيق" بڻيو بيخوديءَ جو شاعر،
تنهنجي عنايت ڪوئي نه جاڻي.

غـــزل

(١)

ديد وڃائي دلدار کـي پاتم.
پڻسو وڃائي پيار کـــي پاتم.

(٢)

حسن جـوانـي گلشن گلشن،
پڙنرو ٿي گلزار کي پاتم.

(٣)

دل منهنجي آ پيار جو جهرٽو،
دل ڏيڻي قـرار کي پاتم.

(٤)

هاء زمانـو ريس ڪري تـــو،
عشق ڪري اِسرار کـي پاتم.

(٥)

"رفيق" ڪيو آ رب سان سؤدو،
دل ۾ ئـي ديـدار کي پاتم.

غـــزل

(١)

راڻا! ڇــڏ رسڻ جـون ڳالهيون.
آءُ ڪريون پرچڻ جـون ڳالهيون.

(٢)

دل منهنجي، دل تنهنجي آهـي،
آءُ ڪريون سرچڻ جـون ڳالهيون.

(٣)

مايوسي ٿـــي مـــن مونجهائي،
آءُ ڪريون ڪـلـڻ جـون ڳالهيون.

(٤)

ٻرساتي منڊ مـوٽـي آئـــي،
آءُ ڪريـون ملڻ جون ڳالهيون.

(٥)

”رفيق“ عشق عـبـادت منهنجي،
ڪريون خـدا پسڻ جون ڳالهيون.

غــزل

(۱)

ڏڪندي ڏڪندي ڏينهن ٿو گذري، روئندي روئندي رات

ساجن ٻن سڄڻيءَ جي گهڙي، ساوڻ جي برسات.

(۲)

ساوڻ جي مند موٽي آئي، آيو نہ منهنجو پيار،

دل ۾ رهي ساجن جي خاطر، اڻ ڳڻ ۽ فڪرات.

(۳)

ڏينهن لنگهي ويا، مهنا لنگهي ويا، پورو ٿيو آ سال،

ڪڏهن خــدا منهنجي آڻيندو پيار ڀري پرڀات.

(۴)

آهي هوا ۾، آهي فضا ۾، خوشبوءِ ۽ ڪستوري،

منهنجو ساجن اڄهو ڪي آيو، پکي لنوَن ٿا لات.

(۵)

منهنجو ساجن مون وٽ آيو، ٿيو بجليءَ جو چمڪاٽ،

بارش سان گڏ جاڳي دل ۾ محبت جي جذبات.

(۶)

عشق عبادت، حسن زيارت، دور فقير ڳائي ٿو،

"رفيق" آيو وٺڻ خدا کان شاعريءَ جي خيرات.

غــزل

(١)

تنهنجي محبت ڪوئي جاٽي.
تنهنجي شرارت ڪوئي جاٽي.

(٢)

عاشق ٻڌي ڪنهن ڏي نهاريون،
تنهنجي حسرت ڪوئي جاٽي،

(٣)

تنهنجي نظرن ۾ شوخي آ،
تنهنجي حشمت ڪوئي جاٽي.

(٤)

تنهنجي محبت گلشن ۾ جهولو،
تنهنجي حسرت ڪوئي جاٽي.

(٥)

تنهنجي اکڙيون آليون آهن،
تنهنجي شڪايت ڪوئي جاٽي.

(٦)

تو جهڙو "رفيق" معشوق نہ ڪوئي،
تنهنجي شرارت ڪوئي جاٽي.

غـــزل

(١)

تنهنجي محبت آءُ نـــہ ڄاڻان،

تنهنجي صحبت آءُ نـــہ ڄاڻان.

(٢)

تـــون گلشن جـي مکڙي آهين،

تنهنجي نـزاڪت آءُ نــہ ڄاڻان.

(٣)

درپن وانـگر دل تنهنجي آ،

تنهنجي حقيقت آءُ نـــہ ڄاڻان.

(٤)

تون چنچل ساگر جي ڇولي،

تنهنجي شرارت آءُ نـــہ ڄاڻان.

(٥)

تـــون دل جـي ڌڙڪڻ آهين،

تنهنجي حرڪت آءُ نــہ ڄاڻان.

(٦)

مون ڏي نهاري "رفيق" مسڪين ٿي،

تنهنجي عنايت آءُ نـــہ ڄاڻان.

من جون ڇوليون دل جون ٻوليون

(١)

خـــدا جي حسن تي ”مستان“ آءٌ آهـيـان.
خـــدا جي ٻندن جو ”رفيق“ آءٌ آهـيـان.

(٢)

آءٌ سوداگر گلن ڦلن جـو، آءٌ سوداگر شاعر آهـيـان،
آءٌ سوداگر چنڊ تارن جو، آءٌ سوداگر شاعر آهـيـان.

(٣)

حسن ماري ٿو جهاڙو گهر جو، حسن ڪري ٿـو ٻرتن صاف،
مونکي ٻڌاءِ او منهنجا خدا، هي ڪهڙو آهي اِنصاف؟

(٤)

ساگر آهيان، ساگر آهيان، سهڻيءَ خاطر گهاگهر آهيان،
سهڻي ڪٽي ٿي چيلهه ٿـي گهاگهر ٻين سڀني خاطر ساگر آهيان.

(٥)

ساگر جون ڇوليون، ساگر مان هيرا موتي هارن ٿيون،
چنڊ ڏسي چوڏس جـــو عرش ۾ عاشق ڪـي هرڪائن ٿيون.

غـــزل

(۱)

منهنجي کهاڻي ڪوئي نہ ڄاڻي،
پريت پراڻي ڪوئي نــہ ڄاڻي.

(۲)

عاشق آهيان عشق ڪيان ٿــو،
منهنجي نشاني ڪوئي نہ ڄاڻي.

(۳)

جـيـون گـلشن وقت اُجاڙيو،
منهنجي جواني ڪوئي نہ ڄاڻي.

(۴)

شاعر آهيان شعر چوان ٿــو،
منهنجي زباني ڪوئي نہ ڄاڻي.

(۵)

راهہ ”رفيق“ ويس مـان پلجي،
منهنجي ويراني ڪوئي نــہ ڄاڻي.

غزل

(١)

ھن ٿئي آخر نابود،
بحث ڪرڻ آھي بيسود۔

(٢)

عشق ڪري پر ريت نہ ڄاڻي،
ڪاٺيءَ مان ڪوٺي بارود۔

(٣)

ترھو ٻڌي ترڻ سگھي ٿو،
باھہ ٻرڻ کان اڳم دود

(۴)

عامل عاقل سڀ ھليا ويا،
باقي رھيو عاشق محدود،

(٥)

”رفيق“ مت ماڻھن جي ماري،
رقم وڃي پر وڃي نہ سُود۔

غزل

(١)

اديب چوائي، پر ادب نہ سمجهي.
چا جيون آ سبب نہ سمجهي.

(٦)

عاشق آهي، عشق نہ ڄاڻي،
حسن جواني مرڪب نہ سمجهي.

(٣)

شونق ٻڌائي سڀ ڪي شاعر،
اُتر، ذڪر قطب نہ سمجهي.

(۴)

ناقص سمجهہ نقاد ٻڻي تو،
شبنم جام جو مطلب نہ سمجهي.

(٥)

"رفيق" پاڻ ڏي ڪيو اشارو،
دل جليو، ٻيو مطلب نہ سمجهي.

غــزل

(١)

دل ۾ زخـــم گهڻا ئي آهــن .
دل ۾ پـــرم گهڻائي آهــن .

(٢)

ٽپي نـــہ ڪوئي تيل ٽوانـــو،
دل ۾ وهم گهڻائي آهــن .

(٣)

پيار جي ڪوئي پياس ٻجهائي،
دل ۾ ڏرم گهڻائي آهــن .

(۴)

گوري گهونگهٽ ڪين هٽائي،
دل ۾ شرم گهڻائي آهــن .

(٥)

"رفيق" واپس وري وطن ڏي،
دل ۾ ڪرم گهڻائي آهــن .

گيت

(۱)

ڀارت جي ڌرتي روئي ٿي، ڀارت جي ڌرتي روئي ٿي.
ڀارت جي هر عورت روئي، ڀارت جي لڙڪي روئي ٿي.

(۲)

ڀارت ۾ آزادي آئي، ڀارت ڇو برباد ٿيو،
ڀارت ۾ خوشحالي آئي، هر دل مان ڇو فرياد ٿيو،
ڌن دولت سڀ لٽجي ويئي، گهر جي ڪڙڪي روئي ٿي.

(۳)

ديش جا نيتا، ديش جا مدبر، ديش جا سڀ اڳوان ٺٽيا،
ديش کي دوکو ڏنو اڳوانن، جيڪي اَڄ ڌنوان ٺٽيا،
ديش جي عزت ويئي لٽجي، اَک شرم جي روئي ٿي.

(۴)

ديش جو دلبر گانڌي جاڳيو، هاڻ نہ ڪوئي گانڌي رهيو،
رستي تي جو لاش پيو آ، تنهن جو ڪانڌي ڪين رهيو،
”رفيق“ ڪريان بيان مان ڪهڙو، دل تڙ ڦي تڙ ڦي روئي ٿي.

غزل

(۱)

آءٌ خدا جو پيارو آهيان.
سڀ جو آءٌ سهارو آهيان.

(۲)

واٽهڙو وات واجهائن منهنجي،
آسمان جو تارو آهيان.

(۳)

بادل بڻجي آءٌ گهمان ٿو،
جيون جل وسڪارو آهيان.

(۴)

ساگر سان محبت آ منهنجي،
ڪشتيءَ آءٌ ڪنارو آهيان.

(۵)

"رفيق" گلشن جي سونهن سوڀيا جو،
عاشق ڀؤنرو هاڪارو آهيان.

غــزل

(۱)
آءٌ تنهنجو تــون منهنجو عاشق ۔
آءٌ خدا تـون منهنجو خالق ۔

(۲)
دل کـــي روزي کير رسـائـي،
مان تنهنجو تــون منهنجو رازق ۔

(۳)
کري بندگي ســاري دنـيـا،
مان تنهنجو تون منهنجو صادق ۔

(۴)
ســاز سرود وڄائي هرکو،
مان تنهنجو تـون منهنجو سالک ۔

(۵)
"رفيق" خدا پـي دل رکي تون،
مان هنجو هوُ منهنجو مالک ۔

غـــزل

(١)

ڀارت جو ڌنڌڪارو مستقبل نظر اَچي ٿو.
طوفـان ۾ ڀيانڪ ساحل نظر اَچي ٿو.

(٢)

هرڪنهن کي پنهنجي پنهنجي، وائي نہ آ وطن جي،
خود غرض ٻڌجي، هرڪو تنگدل نظر اَچي ٿو.

(٣)

ڀارت جو شان شاهي، سمجهي نہ ڪو سپيتا،
رحمدل نہ ڪوئي هرڪو، سنگدل نظر اَچي ٿو.

(٤)

ڌاريا جي آيا ڪاهي، تهذيب ويـــا مٽائي،
بهادر نہ ڪوئي، هرڪو بزدل نظر اَچي ٿو.

(٥)

”رفيق“ خوف خدا جو، ڪنهنکي نہ رهيو آ دل ۾،
اِنسان ڪوئي ڪوئي، مشڪل نظر اَچي ٿو.

غـــزل

(١)

هر ڪوئي ديوانو آهي،
هر ڪوئي مستانو آهي.

(٢)

پيار محبت خدا بڻائي،
جام جام ميخانو آهي.

(٣)

خدا بڻايو حسن جواني،
عاشق لئه نذرانو آهي.

(٤)

جيسين نه حاصل دل جي بستي،
هر ڪوئي بيگانو آهي.

(٥)

”رفيق“ خدا کو راز رکيو آ،
هر غزل تنهنجو عاشقانو آهي.

غـــزل

(١)

مـــن جـي چوري، چوري ناهي،
تـــن جي گـوري، گوري ناهي.

(٢)

پنهنجي پنهنجي سڀ کي دل آ،
هرڪا چـنـڊ چڪوري نـاهي.

(٣)

عشق ڪرڻ لـئي هرڪا آئي،
ڪائي مت جي پوري نـاهي.

(٤)

هر ڪنهن کـــي ياراڻي آهي،
ڪنهن تـــي ڪائي زوري ناهي.

(٥)

"رفيق" ڪري ويـو دل جي چوري،
دل جي ڪا ڪمزوري ناهي.

غـــزل

(١)
مونکي ڪوئي خدا نـــہ سمجھي.
مونکي ڪوئي جدا نـــہ سمجھي.

(٢)
حسن خدا جـو، عشق خدا جـو،
خدا کي ڪوئي فنا نـہ سمجھي.

(٣)
يـــار آسان جو آهـــ اڪيلو،
منهنجي جدائي سزا نـــہ سمجھي.

(٤)
خطا ڪري جـــو خطا نـــہ ڄاڻي،
ڪوئي پنهنجي جـفا نـہ سمجھي.

(٥)
دانهن ڪري مون درد ٻڌايو،
"رفيق" درد کي دوا نہ سمجھي.

غــزل

(١)

گــل ٻڌي خوشبوء ڦهلايان.
دل ٻڌي ڪنهن لـٿ واجهايان.

(٢)

هر گــل مون تي عاشق آهي،
هر گــل تي مان عاشق آهيان.

(٣)

حسن جواني آهہ خـدا جي،
آءٌ خدا ڪـي تــو ٻاڌايان.

(٤)

تنهنجو منهنجو جيون گـلشن،
شبنم ٻڌي مــاڪ وهـايـان.

(٥)

”رفيق“ راز خـدا جــو آهي،
ڪولي ڪنهن ڪــي ڪيئن ٻڌايان؟

غــزل

(۱)
شاعر آهيان، شاهہ سڏايان.
ڪين ڪي تـو گمراهہ بڻايان.

(۲)
دل ۾ شاعريءَ جـو ساگر آ،
بــادل بڻي مينهن وسايان.

(۳)
شعر منهنجو سڀني کان نيارو،
دل هرڪائي تـو چاهہ وڌايان.

(۴)
ڪنهن جي شعر ۾ جان نہ آهي،
ڪنهن جي شعر تي ساهہ منجهايان.

(۵)
"رفيق" آءٌ بي خوديءَ جو شاعر،
ٻـوُند منجهان درياهہ بڻايان.

غـــزل

(١)

حسن حقيقت بـڻـي آيـــو،
عشق شريعت بڻي آيـــو.

(٢)

قائم نـاهي جسم جواني،
وقـت غنيمت بڻي آيـــو.

(٣)

پيار ڪري هـوُ ڪين نباهي،
پيار قيامت بڻي آيـــو.

(٤)

ڪي پـرن ڪي وينو کوهي،
جيون مصيبت بڻي آيـــو.

(٥)

شاعر کي شاعر ئـي سمجهي،
”رفيق“ عـقيدت بڻي آيـــو.

غــزل

(١)

چور چوريءَ کان ٿڇي نہ جاٽي،
ڪُوڙ جاٽي پر سڇي نـہ جاٽي.

(٢)

ڏن دولت جــو عاشق آهي،
رُوپ رنگ ۾ رچي نـہ جاٽي.

(٣)

ويس بدلائي ڪري تــو چوري،
ڪنهن جي سامهون اَچي نہ جاٽي.

(٤)

چور مثان جــو مور سڏائي،
مور جيان پــر نچي نـہ جاٽي.

(٥)

دل جي دولت رهي دل ۾ "رفيق"
دل ڪاغذ وانگر ڪچي نہ جاٽي.

غزل

(۱)

مون جهڙو ڏنوان نه ڪوئي.
مون جهڙو ٻلوان نه ڪوئي.

(۲)

شاعر آهيان شعر ٻڌايان،
مون جهڙو ٻگوان نه ڪوئي.

(۳)

خدا جي مون تي آهي رحمت،
مون جهڙو انسان نه ڪوئي.

(۴)

دل ۾ رهان ٿو، پيار ڪريان ٿو،
مون جهڙو مهمان نه ڪوئي.

(۵)

"رفيق" سڀ کي "رفيق" ٿو سمجهي،
مون جهڙو ڪري احسان نه ڪوئي.

غـــزل

(١)
تنهنجي نگاهن ۾ مستي آ.
تنهنجي نگاهن ۾ بستي آ.

(٢)
وينس تنهنجي هستي چورائي،
سا أي منهنجي هستي آ.

(٣)
دل مندر ۾ توکي سجايم،
منهنجي خـــدا پرستي آ.

(٤)
منهنجو جيون، تنهنجو جيون،
رهي نــہ فرقي پرستي آ.

(٥)
ڪوئي نہ موکي شاعر سمجهي،
هيءَ کهڙي تندرستي آ.

(٦)
شاعر آهيان، عاشق آهيان،
"رفيق" مـــوج اَلستي آ.

غزل

(۱)
ڪوئي نہ منهنجي يار کي سمجهي،
ڪوئي نہ منهنجي پيار کي سمجهي.

(۲)
حسن گلابي، عشق شرابي،
ڪوئي نہ منهنجي گلزار کي سمجهي.

(۳)
مست هوائون مست فضائون،
ڪوئي نہ گلشن بهار کي سمجهي.

(۴)
ديد اڃائي وينو آهيان،
ڪوئي نہ منهنجي ديدار کي سمجهي،

(۵)
دل ۾ گهاوَ ڪيا ڪيئي،
ڪوئي نہ نظر جي ڌار کي سمجهي.

غـــزل

(۱)

منهنجيءَ دل ۾ يار رهي ٿو،
يار جو هردم پيار رهي ٿو.

(۲)

عشق نـــہ ڄاڻي عالم سارو،
ڪين خدا ٿي اعتبار رهي ٿو.

(۳)

منهنجي يار جي سهڻي صورت،
نظرن ۾ ديـدار رهي ٿو.

(۴)

ڳائي ڳائي ٿڪجي پوندس،
شاعريءَ جـــو خمار رهي ٿو.

(۵)

”رفيق“ سونهن جـو شائق آهي،
سهڻن جـــو سردار رهـي ٿو.

غــزل

(١)

گوري تنهنجو پيار محبت، آنسون بڻجي چلڪن ٿـا.
تنهنجا آنسون، تنهنجي گـل تي موتـي بڻجي چمڪن ٿـا.

(٢)

تنهنجو چهرو چنڊ چانڊني، چمت ساگر جو چريو ڪري،
تنهنجي گلي جا هيرا جواهر، تـارا بڻجي ٽمڪن ٿـا.

(٣)

تنهنجا زلـف، زلـف نه آهن، آهن گهٽائون برساتي،
بادل ڪارا ڪـنـوڻ ڪنين ۾، بيتابيءَ ۾ ڦٿڪن ٿـا.

(٤)

تنهنجي جواني، ڪنهن مندر ۾، جوتيءَ وانـگر جرڪي ٿي،
تنهنجا نيڻ پُوڄا جي ٿالهيءَ ۾، ديپڪ وانـگر سونهن ٿـا.

(٥)

تنهنجي سونهن سدا سونهاري، ”رفيق“ سدائين ياد رهي،
تنهنجي گلي ۾ عاشق ڪيئي، ٻانهون وجهڻ لاءِ هرڪن ٿـا.

غــزل

(۱)
جوش وڃائي، هوش کي پاتم،
هوش وڃائي، آغوش کي پاتم.

(۲)
منهنجي مستي آهـــ پيالو،
پيالـي ۾ مدهوش کـــي پاتم.

(۳)
آءٌ ڪريان محبت هر ڪنهن سان،
محبت جي بيهوش کـي پاتم.

(۴)
منهنجي يـــاري آ خدا سان،
ياريءَ ۾ مدهوش کـــي پاتم.

(۵)
”رفيق“ اِلاهي نـُور ذنو آ،
نُور ۾ خدائي آشيش کي پاتم.

غـــزل

(۱)

ڪير نہ سمجهي منهنجي ٻولي،
آءُ ڪريان ٿـو آنڪہ - مچولي.

(۲)

هر پل ۾ هڪ غزل ٻڻي ٿو،
حاضر رهي گيتن جـي ٽولي.

(۳)

جهڙو تهڙو عـاشق نـاهيان،
سينڌ، سرمـو ۽ سهڻي چولي.

(۴)

پيار ڀـري پڇڪاري منهنجي،
هردم آهي مـون لـئہ هولي.

(۵)

"رفيق" شاعر روز ڪري ٿو.
گيت غزل جي رنـگہ رنگولي.

غــزل

(١)

يـار جي دل ۾ ساگر آ.
پيار جي دل ۾ ساگر آ.

(٢)

مان جنهن کي تو پيار ڪريان،
دلدار جي دل ۾ ساگر آ.

(٣)

ساجن لئه سينگار ڪري،
سينگار جي دل ۾ ساگر آ.

(٤)

سهڻي جنهن کي پيار ڪري،
ميهار جي دل ۾ ساگر آ.

(٥)

خدا "رفيق" کي راز ڏنو،
رازدار جي دل ۾ ساگر آ.

غــزل

(۱)

دل جو ڌڙڪڻ ڪوئي نہ سمجهي،
اک جو ڦڙڪڻ ڪوئي نہ سمجهي.

(۲)

ديد اندر ديدار رهي تو،
دل جو درپڻ ڪوئي نہ سمجهي.

(۳)

آءُ ڪريان تو دل جي چوري،
دل جو کسڪڻ ڪوئي نہ سمجهي.

(۴)

بي خبريءَ ۾ دل تڙقايان،
دل جو تڙقڻ ڪوئي نہ سمجهي.

(۵)

"رفيق" سڀ کي پيو مرڪائي،
"رفيق" جو مرڪڻ ڪوئي نہ سمجهي.

غــزل

(١)
دل جـي سچائـي ڪين ڪڇي.
دل جـي صفائـي ڪين ڪڇي.

(٢)
سهڻي هجي، پل چري هجي،
ڪنهن کـي ڏاهي ڪين ڪڇي.

(٣)
پـل پـل ۾ پئسي جي وائي،
پـيـار جي وائـي ڪين ڪڇي.

(٤)
مونن ۾ منهن پائي ويٺو،
عبادت اِلاهـي ڪين ڪڇي.

(٥)
"رفيق" حاڪم ڪري تباهي،
پنهنجي تباهـي ڪين ڪڇي.

غــزل

(۱)
ساگر کــي چوليءَ سان پيار.
سهڻيءَ کي چوليءَ سان پيار.

(۲)
هولي سڀ جو هوش وڃائي،
هر ڪنهن کي هوليءَ سان پيار.

(۳)
چور اَڪيلو ڪري نہ چوري،
چورن کـي ٽوليءَ سان پيار.

(۴)
دوا بــنــا اڄ ڪهڙي زندگي،
هر ڪنهن کي گـوريءَ سان پيار.

(۵)
سنڌي ٻولي عشق اُباڻــو،
”رفيق“ کي سنڌي ٻوليءَ سان پيار.

غزل

(١)

دل کان ٻاهر ڪهڙي عبادت.
دل کان ٻاهر ڪهڙي زيارت.

(٢)

عشق جڏهن جاڳي ٿو دل ۾،
دل کان ٻاهر ڪهڙي محبت.

(٣)

پنڊت سمجهائي، پر سمجهي نه ڪوئي،
دل کان ٻاهر ڪهڙي هدايت.

(٤)

شرم حياءُ رهي ٿو دل ۾،
دل کان ٻاهر ڪهڙي نزاڪت.

(٥)

”رفيق“ راز دل ۾ رکي ٿو،
دل کان ٻاهر ڪهڙي حفاظت.

غزل

(١)

مکڙين ۾ بيتابي آهي،
اکڙين ۾ حجابي آهي.

(٢)

هر گل کي شبنم جاڳايو،
گلشن بڻيو گلابي آهي.

(٣)

هر گل مستيءَ ۾ تو جهومي،
ڀونرو بڻيو شرابي آهي.

(٤)

حسن شرارت پاڻ کري ٿو،
چوي عشق جي دل ۾ خرابي آهي.

(٥)

”رفيق“ مکڙي گل ٿي نه ٿيندي،
اهڙي کهڙي بيتابي آهي.

غـــزل

(۱)

کنهن کـي پنهنجو مان يار بڻايان،
کنهن کي پنهنجو دلدار بڻايان.

(۲)

آءٌ اڪيلو آهيان جـڳـہ ۾،
کنهن کـي پنهنجو پيار بڻايان.

(۳)

ڪوئي نہ منهنجي درد کي ڄاڻي،
کنهن کـي پنهنجو من ٺار بڻايان.

(۴)

ڪوئي نـہ دل جي ريکا ڄاڻي،
کنهن کي پنهنجو سنسار بڻايان.

(۵)

آيس اڪيلو، ويندس اڪيلو،
"رفيق" کنهن کي ڪردار بڻايان.

غـــزل

(١)
”رفيق“ زمانـو تنهنجو آ.
هر لـب تي ترانو تنهنجو آ.

(٢)
حسن خدائي، عشق اِلاهـي،
دل ۾ نـذرانـو تنهنجو آ.

(٣)
ڪان ٻڻي، جي ڪان هڻين تون،
دل تـي نشانو تنهنجو آ.

(٤)
گـيـت غـزل ۾ جـادوُ مستي،
هـرڪو ديـوانـو تنهنجو آ.

(٥)
”رفيق“ نمازيءَ جيتي بازي،
هر جاءِ فسانـو تنهنجو آ.

غزل

(۱)
آءُ اَڪيلو ڪاهيان تو.
آءُ اَڪيلو ڳايان تو.

(۲)
سڌ رهي نہ سماءُ رهي،
هردم توکي چاهيان تو.

(۳)
ڏينهن هجي يا رات هجي،
اَڳتي وک وڌايان تو.

(۴)
عشق نہ آهي، عادت آهي،
پنهنجو پاڻ پلايان تو.

(۵)
"رفيق" راز رکيو جو دل ۾،
ڪنهن کي ڪين ٻڌايان تو.

غــزل

(۱)
ڪير چوندو پيار نـہ گهرجي.
ڪير چوندو، يار نہ گهرجي.

(۲)
سهڻي صورت من کي موهي،
ڪير چوندو سينگار نہ گهرجي.

(۳)
دل جي گـلشن غـلـم وڇايا،
ڪير چوندو گـلزار نہ گهرجي.

(۴)
دلبر خاطر دل تـڙقي تـــي،
ڪير چوندو ديـدار نہ گهرجي.

(۵)
يـــار جي خاطر پيار ڇڏيـم،
ڪير چوندو دلدار نہ گهرجي.

(٦)
"رفيق" کو ڇڙيو ئي نہ چوندو،
سهڻو سکي سنسار نـہ گهرجي.

غـــزل

(١)

ساگر جي ڇولي شرمائي،
سر تي ساڙهي ٿي سرڪائي.

(٢)

هلندي هلندي ڪائي ٿابو،
ڇولي، ڇوليءَ سان ٽڪرائي.

(٣)

اڄا تہ آءٌ ڪنواري آهيان،
پيرن ۾ پايل ڇمڪائي.

(٤)

دل جي ڌڙڪن آهي چالو،
عشق اکين ۾ ڪيئن ڇپائي.

(٥)

من ۾ مستي، تن ۾ مستي،
هوا ۾ آنچل ٿي لهرائي.

(٦)

”رفيق“ عشق انوکو دل جو،
ڪوئي ڪوئي پريت نباهي.

غـــزل

(١)
سڀ سان محبت آءٌ ڪريان ٿو.
سڀ سان صحبت آءٌ ڪريان ٿو.

(٢)
حسن جواني حيرت حيرت،
سڀ ڪـي موهت آءٌ ڪريان ٿو.

(٣)
نياز نـڌرت خـدا جي رحمت،
نياز نـڌرت آءٌ ڪريـان ٿو.

(٤)
عـاشق پڇي آءٌ آچـان ٿو،
سڀ سان اُلفت آءٌ ڪريان ٿو.

(٥)
”رفيق“ حياتي هلچل حرڪت،
دل ۾ حرڪت آءٌ ڪريان ٿو.

غـــزل

(١)

جيون ٻڻجي آيـــو ڪوئي.
گـلشن ٻڻجي آيـــو ڪوئي.

(٢)

دل جي ڪهاڻي رهي نه اڌوري،
ڌڙڪن ٻڻجي آيـــو ڪوئي.

(٣)

بند ڪمري ۾ روپ ڏسڻ لئه،
درپـــن ٻڻجي آيـــو ڪوئي.

(٤)

وينس پنهنجو پـــاڻ ڀلائي،
تن من ٻڻجي آيو ڪوئي.

(٥)

"رفيق" نه ڄاڻان روپ خدا جو،
درشن ٻڻجي آيـــو ڪوئي.

غــزل

(١)

ڳائي ڳائي ٿڪجي پوندس.
ساز وڄائي ٿڪجي پوندس.

(٢)

عشق اندر ۾ تڙڦي ٿڪي،
دل ۾ ڇپائي ٿڪجي پوندس.

(٣)

يار جي سڪ ۾ دل روئي ٿي،
اشڪ وهائي ٿڪجي پوندس.

(٤)

عاشق آهيان عشق نہ ڄاڻان،
ڪوڙ ڳالهائي ٿڪجي پوندس.

(٥)

”رفيق“ دل عجائب گهر آ.
آءٌ سمجهائي ٿڪجي پوندس.

غــزل

(۱)
خط آيو، دلدار نــه آيو.
سهڻيءَ جــو ميهار نــه آيو.

(۲)
گلشن کي جاڳـي اِنتظاري،
ليڪن ڪوئـي بهار نــه آيو.

(۳)
ساگــر تـڙ‌ڦي تـڙ‌ڦي ٿڪيو،
ليڪن ڪوئي ٻڌار نــه آيو.

(۴)
ديــد اُڙائـي تــارا بـيـنـا،
چانڊنيءَ جو چنڊ يار نه آيو.

(۵)
منهن مونن ۾ پائي ويٺس،
”رفيق“ خدا جو ديدار نه آيو.

غــزل

(۱)
منڊ آئي، برسات نـہ آئي.
اوسيڙو، فڪرات نـہ آئي.

(۲)
پـاڻ سجائي ويٺي آهيان،
يار ملڻ جي رات نـہ آئي.

(۳)
دل ۾ هردم ياد رهي تـو.
لب تي تنهن جي بات نہ آئي.

(۴)
اَڃا اَڱـڻ ۾ آهہ اَنڌيرو،
پرهہ ڦٽي پـرڀات نـہ آئي.

(۵)
جنهن خلقيو جيون جڳ سارو،
”رفيق“ خـدا جي ذات نـہ آئي.

غـــزل

(۱)

لڙڪ ڏسي تنهنجي اکڙين ۾، آءٌ بہ روئي ڏيندس يار.
لڙڪ ڏسي تنهنجي پلڪن ۾، آءٌ بہ روئي ڏيندس يار.

(۲)

تنهنجا لڙڪ لڙڪ نہ آهن، هيرا موتي هارين ٿا،
دل جو غم ڏسي لڙڪن ۾، آءٌ بہ روئي ڏيندس يار.

(۳)

تنهنجو غم آهي غم منهنجو، تنهنجي خوشي آهي منهنجي خوشي،
غم جو روپ ڏسي لڙڪن ۾، آءٌ بہ روئي ڏيندس يار.

(۴)

غم جي ريکا روُپ وڃائي، روُپ وڃائي جيءُ پلائي،
غم جي ريکا ڏسي لڙڪن ۾، آءٌ بہ روئي ڏيندس يار.

(۵)

عشق اڌورو رهجي ويندو، جي نہ بڻان تنهنجو غم-خوار،
غم ڏسي تنهنجي مڪلن ۾، آءٌ بہ روئي ڏيندس يار.

ساگر

غــزل

(١)
تـون آهين درخت جي ڇايا،
تـون آهين قدرت جي ڪايا،

(٢)
سونهن ڏسي شهزور ڇڏي پيا،
تـون آهين محبت جـي مايا.

(٣)
تنهنجي صورت گـلشن گـلشن،
جنت جـــا پـربت شرمايا.

(٤)
تنهنجا ڳـــل گـلابـي چهرو،
ڀنڀـرن ڪيئي گـيـت ڳنڀايا.

(٥)
تنهنجو نـاز، انـداز نئون آ،
”رفيق“ مـن جـا ميت بڻايا.

غـــزل

(١)

حسن ڪٺي هت آيـــو آهيان.
چمن ڪٺي هت آيـــو آهيان.

(٢)

دل منهنجي دلدار ڪٺي ويو،
بدن ڪٺي هت آيـــو آهيان.

(٣)

چنڊ جو چهرو، تـــارا ستارا،
گگن ڪٺي هت آيـو آهيان.

(٤)

جنهن ڌرتيءَ تـــي جنم ٿيو،
وطن ڪٺي هت آيـــو آهيان.

(٥)

”رفيق“ روئي دل ٽڪجي پئي،
جشن ڪٺي هت آيـــو آهيان.

(٦)

دل جو غم ستائي دل کي، پيار رهيو کهڙو هي پيار،
غم جو پکي ڏسي گلشن ۾، آءُ به روئي ڏيندس يار.

(٧)

ٿنهنجي هستي منهنجي مستي، منهنجي جيون جي بستي،
اڙڪ ڏسي ”رفيق“ سپنن ۾، آءُ به روئي ڏيندس يار.

غزل

(۱)

وقت وڃائي ويٺو آهيان،
روح رلائي ويٺو آهيان.

(۲)

عشق نہ ڄاڻان، عاشق آهيان،
پاڻ ڀلائي ويٺو آهيان.

(۳)

درد نہ ڄاڻي ڪوئي منهنجو،
درد دٻائي ويٺو آهيان.

(۴)

حسن زندگي، حسن بندگي،
پاڻ ڀلائي ويٺو آهيان.

(۵)

"رفيق" راز سمورا دل جا،
آءٌ ٻڌائي ويٺو آهيان.

غــزل

(۱)

منهنجو گلابـي آهي يـــار،
منهنجو شرابـي آهي يـــار.

(۲)

ساگر چريـو جيئن چـنـڊ ٿي،
منهنجو مهتابـي آهي يـــار.

(۳)

شرم حيا کـان اکـڙيون جهڪائـي،
منهنجو حجابي آهي يـــار.

(۴)

گل گلابـي ريس ڪري تـــو،
منهنجو شبابـي آهي يـــار.

(۵)

حسن گهمي تـو برقعو پائـي،
”رفيق“ نـقـابـي آهي يـار.

غـــزل

(۱)

اکڙيون تنهنجون، حسن آسانجو.
مکڙيون تنهنجون چمن آسانجو.

(۲)

تـــارا رات سجائي ويـــا،
اکڙيون تنهنجون، گـگـن آسانجو.

(۳)

غـزل عاشقي ڳـايان محفل ۾،
سهڻيون تنهنجون، جشن آسانجو.

(۴)

پـل حاکم کو هکالي وينو،
ڌرتيون تنهنجو، وطـن آسانجو.

(۵)

"رفيق" کو عاشق وجي گـذاري،
لکڙيون تنهنجو، کفن آسانجو.

غـــزل

(١)

هُن پيار ڪيو، هُـوءَ منهنجي آ.
هُن يار ڪيو، هُـوءَ منهنجي آ.

(٢)

دل ڏيئي ڪري هن کي پنهنجي،
دلـــدار ڪيو، هُـوءَ منهنجي آ.

(٣)

سڪ منهنجيءَ ۾ سڄڻي ٻڌجي،
سينگار ڪيو، هُـوءَ منهنجي آ.

(٤)

لکي ڇڏي پيارن مـــان منهنجو،
ديـدار ڪيو، هُـوءَ منهنجي آ.

(٥)

ٻنهي هٿن ۾ "رفيق" جهلي مڪڙو،
اَعتبار ڪيو، هُـوءَ منهنجي آ.

غـــزل

(١)

ڪير تـو پنهنجي ننڊ ڦٽائي،
ڪير سهڻي سان دل لڳائـي.

(٢)

سهڻو نہ آخر آهي سهڻو،
ڪير تـو ڪاري سان ڳالهائي.

(٣)

ڪارو ڀـؤنـرو گل تي آيـــو،
خوشبوءِ ڪيس رکيو لڪائي.

(٤)

گل جي هستي، گل جي مستي،
ڪاري ڀـؤنري ڪـــي ڦاسائي.

(٥)

"رفيق" گل کي قياس نہ آيو،
ڀـؤنـرو ويٺو جـان وڃائي.

غزل

(۱)
تو جهڙو داتار نه ڪوئي.
تو جهڙو دلدار نه ڪوئي.

(۲)
تنهنجو حسن هاڪارو آهي،
تو جهڙو گلزار نه ڪوئي.

(۳)
مالڪ آهين منهنجيءَ دل جو،
منهنجو دل تي اختيار نه ڪوئي.

(۴)
تون ئي ساگر، تون ئي ڪشتي،
تو جهڙو ڪنار نه ڪوئي.

(۵)
"رفيق" تو جهڙو دنيا ۾،
مسڪينن جو يار نه ڪوئي.

(۴)

سهڻيون سهڻيون تنهنجون اکڙيون،
جيئن سونهن گلشن ۾ مکڙيون،
ڪيئن سجان تنهنجي زلفن ۾،
آجا تہ اجازت ڪين ملي آ.

(۵)

تنهنجي صحبت جو ديوانو،
تنهنجي محبت جو مستانو،
ڪيئن "رفيق" رهان قدمن ۾،
آجا تہ اجازت ڪين ملي آ.

گيت

(۱)

ڪيئن اَچان تنهنجي محلن ۾،
اَچا ته اجازت ڪين ملي آ،
ڪيئن اَچان تنهنجي گلشن ۾،
اَچا ته اجازت ڪين ملي آ.

(۲)

ڪارو ڪارو پوئرو آهيان،
گيت پڌائي دکڙو لاهيان،
ڪيئن گهمان تنهنجي گلين ۾،
اَچا ته اجازت ڪين ملي آ.

(۳)

آهيان آءٌ پرڀاتي تارو،
نئين صبوح جو نئون سهارو،
ڪيئن وسان تنهنجي اکين ۾،
اَچا ته اجازت ڪين ملي آ.

غـــزل

(۱)
تنهنجي شرارت آءٌ نـــہ سمجهان،
تنهنجي ڳجهارت آءٌ نـــہ سمجهان.

(۲)
اکيون ملائي تـــون مرڪين ٿـي،
تنهنجي اِشارت آءٌ نـــہ سمجهان.

(۳)
آءٌ نـــہ ڄاڻان پنهنجي پـاڻ،
تنهنجي عبارت آءٌ نـــہ سمجهان.

(۴)
دل آهي جـــا حڪم هلائـي،
تنهنجي صدارت آءٌ نـــہ سمجهان.

(۵)
"رفيق" رهي تو گيت غزل ۾،
تنهنجي عمارت آءٌ نـــہ سمجهان.

غــزل

(۱)

عرش فرش تي منھنجو راڄ،
سر تي رھي شاعر جو تاڄ.

(۲)

حسن جواني گلشن گلشن،
پيار محبت منھنجو ڪاڄ.

(۳)

نيڻ نشيلا ڳل گلابي،
عاشق دل جو آھ علاج.

(۴)

ساگر مون لئہ سيج وڇائي،
قدرت ڪري منھنجو ھر ڪاڄ.

(۵)

"رفيق" ديواني سر کي جھڪايو،
جڳ ديوانن جو آھ رواج.

غـــزل

(۱)

منهنجي کهڙي خطا رهي آ.
منهنجي محبت سزا رهي آ.

(۲)

آءٌ تہ ڇا سارو جڳہ تو ڄاڻي،
منهنجي توسان وفا رهي آ.

(۳)

بگڙيل زلف، اُکڙين ۾ شوخي،
بادل بجلي گهٽا رهي آ.

(۴)

آهہ خدا جي ٻي سڀ تي رحمت،
تنهنجي مون تي جفا رهي آ.

(۵)

”رفيق“ ٻڌاءِ ڪا بيخبريءَ ۾،
منهنجي ڪائي خطا رهي آ.

غــزل

(١)

ڪشتي ٻــوڙي ويــنــا آهيون،
رشــتــا ٽــوڙي ويــنــا آهيون.

(٢)

عاشق ٻڌي اَسين عشق جو،
خيمو کــوڙي ويــنــا آهيون.

(٣)

ڪوئي نـہ منهنجي ذات سڃاڻي،
ذات کـي لوڙهي ويــنــا آهيون.

(٤)

حسن سلامــت عشق سلامــت،
گــوڏا کــوڙي ويــنــا آهيون.

(٥)

"رفيق" ڪنهن ٻـي ڪين سڃاتو،
ٻــر ۾ ٽــوڙي ويــنــا آهيون.

غـــزل

(١)

لنهنجي حسرت آءُ نہ آهيان .
لنهنجي محبت آءُ نہ آهيان .

(٢)

سونهن ڏسي هرڪو چاهي،
لنهنجي چاهت آءُ نہ آهيان .

(٣)

آءُ آهيان قـادر جي قدرت،
لنهنجي قدرت آءُ نہ آهيان .

(٤)

آءُ شبنم، گـلشن جـي نعمت،
لنهنجي نعمت آءُ نہ آهيان .

(٥)


آءُ "رفيق" شاعر جي شهرت،
لنهنجي شهرت آءُ نہ آهيان .





ساگر

تنهنجي معصوم نگاهن ۾، ساگر جي گهرائي آ
تنهنجي مضلوم نگاهن ۾ ساگر جي گهرائي آ



ايم. رفيق



اِلتجا

عاشق بڻجي آيو آهيان
آءُ اڪيلو ڪنهن کي چاهيان.

(٢) حسن جي هت دربار لڳي آ
پنهنجا ڪيئي روپ بڻايان

(٣) حسن اکيون مچڪائي وينو
پنهنجيءَ دل کي ڪيئن سمجهايان.

(٤) عشق اُڏامي سر تي آيو
دل ۾ اُنکي ڪيئن ڇپايان.

(٥) زلفن ۾ گل بڻجي وينس
رفيق حسن جو حسن سجايان.

— ايم رفيق

— ايم رفيق

